سيرت پاڪ جي عظمت

مولانا جان محمد عباسي

آقائي نامدار سيدنا محمد مصطفيٰ ﷺ جي سيرت پاڪ ۽ حيات طيبه تي، علماء ڪرام، محدثين عظام ۽ سيرت نگارن، جيترو ڪجھ لکيو آهي، ان جو مثال تاريخ انسانيءَ ۾ ملي نه ٿو سگهي. ان هوندي به نظر ائين پيو اچي ته اجان ميدان وسيع آهي ۽ پڙهندڙن جي پياس پوري نه ٿي آهي.

حضور اڪرم عليه الصلواة والسلام جي ولادت کان وصال تائين، ننڍپڻ، جواني نبوت ۽ وحي الاهي جو نزول، احڪام الاهي ۽ شريعت جو نفاذ، فرد جي اصلاح ۽ معاشري جي تطهير، قرابت داري ۽ خانداني نظام، تجارت ۽ معاش، بادشاهن سان خط و ڪتابت، ۽ بين الاقوامي معاهدات، جهاد ۽ قتال، غنيمت ۽ وراثت، اخلاق ۽ روحانيت، تعليم ۽ تربيت، سفر ۽ حضر، عبادت ۽ رياضت، ياد الاهي ۽ ذڪر، بندگي ۽ پانهپ، مطلب ته 23 سالن جي نبوت جي فرائض جي ادائگيءَ سميت هر شيءَ جو رڪارڊ محفوظ ڪرڻ ۾ مسلمانن جو نمونو پيش

ڪيو آهي، اهو بذات خود هڪ معجزو آهي. نه رڳو ايترو، بلڪه حضور ﷺ جي اقوال ۽ اعمال، نشست ۽ برخواست، گهريلو زندگيءَ تائين حالات قلمبند ڪرڻ وارن جي تفصيلي معلومات گڏ ڪئي وئي آهي، ته جيئن حديثن جي راوين (بيان ڪرڻ وارن) ۾ ڪو غلط قسم جو ماڻهو ته ڪو نه هو. ان لاءِ علمي دنيا ۾ هڪ نئين علم ۽ فن جو اضافو ٿي ويو، جنهن کي اسماء الرجال چيو وڃي ٿو. ان علم ذريعي، انهن سڀني ماڻهن تي جرح ۽ تنقيد ڪري، حضور ﷺ جي حالات بيان ڪرڻ وارن جي چنڊ ڇاڻ ڪئي وئي آهي، مبادا ڪا غلط ڳالهه حضور ڏانهن منسوب نه ٿي وڃي. ڀلا، ان قسم جي تحقيق ۽ تدقيق جو مثال علمي دنيا ۾ ڪا به قوم، پنهنجي ڪنهن به مصلح لاءِ پيش ڪري سگهي ٿي؟ جيڪڏهن نه ۽ يقيناً نه، ته پوءِ حضور ﷺ جي سيرت پاڪ جي عظمت ۽ ان جي حفاظت جو ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو دليل ٿي سگهي ٿو؟

حضور اڪرم ﷺ جي سيرت پاڪ جي حفاظت جو ٻيو ذريعو خود قرآن پاڪ آهي ڇو ته نبوت جي عطا ٿيڻ کانپوءِ 23 سالن تائين قرآن پاڪ نازل ٿيندو رهيو ۽ ان ۾

پيش ايندڙ واقعات ۽ حضور ﷺ جن جي حالات ۽ احساسات جو تذڪره وحي الهيٰ جي ذريعي محفوظ ٿي ويو، جنهن لاءِ الله تبارڪ و تعاليٰ فرمايو، ته انا نحن نزلنا الذڪر و اِنا لہ لحافظون.(بي شڪ اسان ئي نازل ڪيو آهي قرآن کي ۽ بيشڪ اسان ئي ان جا نگهبان آهيون.)

جڏهن حضرت عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها کان حضور ﷺ جن جي اخلاق ۽ سيرت جي باري ۾ ڪنهن پڇيو، ته پاڻ بيبي سڳوري فرمايو ته: ڪان خلقہ القرآن، يعني سندن اخلاق جو مظهر قرآن آهي. ڇو ته قرآن شهادت ڏئي ٿو ته الله تعاليٰ پاڻ سڳورن کي ساري جهانن لاءِ رحمت ڪري موڪليو. وما ارسلناڪ الا رحمة للعالمين. پوءِ رحمت للعالمين جي شفقت ۽ امت سان محبت، انهن جي خير خواهي ۽ ڀلائي، عذاب کان نجات ۽ بد عقيدن کان ڇوٽڪاري جو وڏيڪ ڪير اونو ڪري سگهي ٿو!

اهو ئي سبب آهي جو حضور جن سڀ کان پهريان انسانن کي الله جي عبادت، ان جي وحدانيت، آخرت جي باز

پرس ۽ رسالت تي ايمان آڻڻ جو سڏ ڏنو. پاڻ پڪاريائون ته:-
يا ايهاالناس اعبدوا ربڪم، اي انسانو! پنهنجي پالڻهار جي ٻانهپ ڪريو. پوءِ جن انسانن الله جي پڪار تي ڪن ڌريو انهن کي الله تعاليٰ مؤمن جي لقب سان نوازيو! ۽ اهڙن ئي مؤمنن لاءِ پيغمبر عليہ السلام جي وجود کي احسان قرار ڏنو- جنهن پنهنجي پوئلڳن کي قرآن جي نور مان نوازيو. تعليم ۽ تزڪيہ سان سندن نفسن کي آلائشن کان پاڪ ڪيو ۽ ڪائنات جي حقيقت پروڙڻ جي دانائي بخشي”لقد من الله علي المؤمنين(الايہ)“.
سيرت پاڪ جو هڪ اهو پهلو به آهي، ته جڏهن مؤمنن جي دلين ۾ ايمان گهر ڪري ويو، ته پوءِ هو حضور اڪرم صلى الله عليه وسلم جي ابرو جي اشاري تي جان ڏيڻ ايمان خاطر ظلم ۽ تشدد کي صبر سان برداشت ڪرڻ، دنيا جي طاقتور انسانن ۽ قبيلن جي آڏو سينه سپر ٿيڻ، دين ۽ ايمان خاطر وطن قربان ڪرڻ ۾ هنن کي جو ذوق ۽ لذت پئي محسوس ٿي، ان جو ڪاٿو ڪرڻ مشڪل آهي. چند واقعات نموني خاطر پيش ڪجن ٿا.

مڪي پاڪ ۾ مسلمانن جي مظلوميت جو دور آهي. ساري قوم ۽ قبيلن مان اجا چاليهارو کن مسلمان مس ٿيا آهن. حضور جن بيت الحرام ۾ اچي ڪعبه ۾ الله تعاليٰ جي هڪڙائپ، وحدانيت جو اعلان ڪن ٿا. ڪافر اهڙي جرات واري قدم کي ڪعبي جي توهين سمجهي، حضور جن مٿان ڪڙڪي پون ٿا. موقعي تي هڪ ئي صحابي **حارث ابن ابي هاله** موجود آهي. حضور جن جي مٿان اها يورش ڏسي هو صبر ڪري نه سگهيو. اڪيلي سر اٿي حضور جن جي مدد ۽ حفاظت لاءِ ڊوڙيو. چئني طرفن کان تلوارن جا چمڪاٽ ٿيا ۽ حارث خانه ڪعبه ۾، خون ۾ لت پت، پياري پيغمبر جي مٿان سر گهوري سرخرو ٿيو. شهادت جو جام نوش ڪيائين ۽ اسلام خاطر جان جي قرباني ۽ نذراني جو پهريون پٿر رکيائين جو قيامت تائين الله جي راه ۾ شهيدن لاءِ سنگ ميل رهندو.

حضرت خباب رضي الله عنه اُم انمار جو غلام هو. هن ان وقت اسلام قبوليو هو، جڏهن اجا ڇهه کن ماڻهو مسلمان ٿيا هئا. هن جي اسلام قبول ڪرڻ، قريش کي غضبناڪ بڻائي ڇڏيو. هڪ غلام جي اها جرئت جو هو اهل مڪه جي مذهب جو انڪار ڪري؟ هن جو اهو جرم هو. اسلام

جي قبوليت جو انتقام قريشن هيئن ورتو، جو ڪوئلا جلايا ويا. خباب کي انهن تي ليٽايو ويو. ٻرندڙ ڪوئلن تي پٺيءَ ڀر ليٽائي، سيني مٿان پير رکي دٻايو ويو، ته جيئن چري به نه سگهي. هو تڙپندو رهيو، انگار ٿڌا ٿي ويا، پٺي زخمي ٿي وئي، تڏهن انهن ظالمن پير پري ڪيا پر ڇا ان باھ ان جي عقيدي کي ٽوڙيو، جو هن خدا ۽ رسول مقبولﷺ تي قائم ڪيو هو؟

هيءُ **حضرت بلال** آهي- امة بن خلف جو غلام آهي. ٽاڪ منجهند جو وقت آهي. گرمي پنهنجي اوج تي آهي. واري تپي ٽامو ٿي وئي آهي. امية حضرت بلال کي ان ٽهڪندڙ واريءَ تي ليٽائي مٿائنس هڪ ڀاري پٿر رکي ٿو ۽ پوءِ کيس چئي ٿو ته ائين سسڪي سسڪي ساھ ڏينديءِ، ان ڪري اسلام جو انڪار ڪر! پر جنهن کي ايمان جو ذائقو مليو، اهو ڪٿي ٿو زهر جو ڍڪ پري؟ هن جي زبان مان فقط هڪ ئي لفظ نڪري ٿو ”احد! احد!“

هيءَ **زبيره** آهي- هيءَ حضرت عمر رضه جي گهراڻي جي ٻانهي آهي. هن کي اسلام آڻڻ ڪري ابوجهل ايترو ماريو، جو هن جون اکيون نور وڃائي ويٺيون.

هيءَ جهلڪيون آهن ان عقيدي جون، جنهن جي حاصل ٿيڻ سان مسلمان ڪري سون جيان، باهه مان نڪري سچا ثابت ٿيا ۽ دنيا جي امامت ۽ قيادت حاصل ڪيائون.

وطن جي قرباني

وطن سان ڪنهن کي پيار نه آهي؟ ان کان الڳ ٿيڻ ۽ ان کان دور ٿيڻ، ڪا سولي ڳالهه آهي؟ پر ايمان ۽ دين جي حفاظت ان کان وڏيڪ پياري آهي. تاريخ انساني اها ڳالهه اکين سان ڏٺي، ته اسلام جي چاشني چکڻ وارن، ايمان ۽ عقيدي مٿان وطن کي گهوريو. نبوت جو پنجون سال آهي. صحابہ ڪرام، مردن ۽ عورتن، مٿان زندگي تنگ ڪئي وئي آهي. ڪفار ۽ مشرڪن طرفان ٺوڪون، چٺرون، ظلم ۽ تشدد الله ۽ الله جي رسول جي شان ۾ گستاخي جا واقعات معمول بنجي چڪا آهن. عبادت کان روڪڻ، ڪعبہ ۾ بي حرمتي ڪرڻ به عام ڳالهه ٿي وئي آهي. انهن حالتن ۾ دين ۽ ايمان جي تحفظ خاطر هجرت جي ڳالهه هلي! حضور جن فيصلو فرمايو ته آفريڪا جي اپرندي ڪناري تي حبشه جي ملڪ ڏانهن ڪجهه صحابه ڪرام هجرت فرمائن. مسلمانن جي مظلوم طبقه ان عظيم آزمائش ۾ ايمان ۽ عقيدي مٿان وطن کي قربان ڪيو-

وطن کان دور روانا ٿيا- جن ۾ يارهن مرد ۽ چار عورتون شامل هيون- اسلام جي راه ۾ قربانيءَ جي ميدان ۾ مردن سان عورتون به دوش بدوش رهيون آهن.
هن ننڍڙي قافلي، وطن ۽ ابن ڏاڏن جي گهرن کي الوداع چيو. اهي پهاڙ ۽ واديون، اهي گهٽ ۽ گهٽيون ڏسنديون رهيون ته نسل در نسل ساڻن گهارڻ وارا اڄ انهن کي قربان ڪري سگهن ٿا، پر ايمان ۽ عقيدي کي ڇڏي نٿا سگهن.
ان واقعي حضرت ابراهيم عليہ السلام جي سنت کي هڪ دفعو وري تازو ڪيو ته دين جي خاطر وطن جي قرباني ڏئي سگهجي ٿي، پر وطن خاطر ان ايمان تان هٿ کڻي نٿو سگهجي. سيرت پاڪ جو هيءُ هڪ اهم سبق آهي.
سماجي بائڪاٽ
نبوت جو ستون سال آهي. مسلمان هر ظلم کي صبر سان سهي رهيا آهن. ڪافرن جون ڪوششون ناڪام ٿي رهيون آهن. طاقتور انسانن جي مقابلي ۾ ڪمزور انسان، غلام ۽ عورتون پهاڙن واري استقامت ڏيکاري رهيون آهن. ان هيڪاري قريش قبيلي کي وڌيڪ برهم ڪري ڇڏيو آهي. هو هر قيمت تي مسلمانن کان ايمان جي دولت

ڦرڻ تي سندرو ٻڌي بيٺا آهن. مظلوم مسلمانن جي عزم ۽ استقلال، ايمان ۽ عمل جي قوت مخالفن کي بي بس بڻائي ڇڏيو آهي. هو نت نيون تدبيرون سوچي رهيا آهن. آخرڪار هنن فيصلو ڪيو ته بنو هاشم جي خاندان سان معاشرتي مقاطعه ڪيو وڃي ۽ اهو مقاطعو تيستائين جاري رهي جيستائين بنو هاشم پنهنجي هٿن سان محمدﷺ کي قتل لاءِ اسان جي حوالي نه ڪن. فيصلو اهو ٿيو ته معاهدي ڪرڻ وارا قبيلا بنوهاشم سان نه مٽي مائٽي ڪندا ۽ نه خريد و فروخت ڪندا، نه ميل ميلاپ ڪندا نه کاڌي ۽ خوراڪ جون شيون کين وڪڻندا. ان معاهدي کي تحريري شڪل ۾ ڪعبة الله جي دروازي تي لٽڪايو ويو. ان انسانيت دشمن فيصلي جي باوجود حضور اڪرمﷺ جي استقامت ۾ ذري به لغزش نه آئي- وحدانيت جي پڪار جو آواز اڃا وڌيڪ اوچو ٿي ويو- رسالت ۽ آخرت جي تعليمات ۽ حق جي دعوت جي پيغام پهچائڻ ۾ اهو نئون هٿيار به ناڪام ٿيو- خاندان بنو هاشم جي بزرگ شخصيت ابوطالب لاءِ رستا به رهيا، يا ته پياري پيغمبرﷺ کي ڪافرن جي حوالي ڪري ان هولناڪ معاهدي جي اثرات کان باقي خاندان کي بچائي

يا انهي مصيبت کي منهن ڏئي، جا مٿس اچي ڪڙڪي آهي. آخرڪار فيصلو ٿي ويو، ته مڪه شريف کان ٻاهر ان پهاڙي گهاٽيءَ ۾ هلي رات گذارجي، جنهن کي شعب ابوطالب سڏيندا هئا ۽ سندس ئي ملڪيت ۾ هئي. راه خدا ۾ هن صبر آزما سختيءَ جو مثال ملڻ مشڪل آهي. لڳاتار 3 سال پورو خاندان بنوهاشم ، ان فيصلي جو شڪار رهيو. خوراڪ ختم ٿي وئي- وڻن جي پنن تي گذارو ڪرڻو پيو. سڪل چمڙي کي گرم پاڻي ۾ اوٻاري کاڌو ويو. ننڍن ٻارن جون بک کان بي حال ٿي چيخون نڪرڻ لڳيون ۽ سنگدل ڪافر ان تي خوشيون ملهائيندا رهيا. ڇا تاريخ انسانيءَ ۾ زنده انسانن کي ان نموني ۾ موت جي منهن ۾ ڌڪڻ ۽ لڳاتار ٽي سال ان ڪيفيت ۾ مبتلا ڪرڻ جو ڪو مثال ملي ٿو؟

دنيا ۾ سيرت جي پختگيءَ، ايمان جي استحڪام ۽ عمل جي قوت، صبر جي بي پناه مظاهري ۽ سختين جي برداشت ۽ عمل جي منظر جو ڪو ٻيو مثال به ملي سگهي ٿو؟

پوءِ ان پامردي ۽ ثابت قدميءَ آڏو آخرڪار مشرڪن جو اهو نئون هٿيار به نڪمو ثابت ٿئي ٿو. ٽن سالن جي ان

ڪشمڪش بعد ڏهين سال نبوت جي پاڻ ڪريم جن ان گهاٽيءَ مان ٻاهر نڪري اچن ٿا.
ان واقعي مان اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته ايماني قوت آڏو شيطاني طاقت بالآخر شڪست کائي وڃي ٿي.

هجرت جو پهريون واقعو

ان عظيم آزمائش بعد به مشرڪ مسلمانن کي ستائڻ کان باز نه آيا. ڏينهون ڏينهن نيون شرارتون ۽ خباثتون ڦهلائيندا رهيا ۽ وري هڪ دفعي مڪة جي سر زمين مسلمانن مٿان تنگ ڪئي ويئي. ان عرصي ۾ مدينه پاڪ تائين اسلام جو آواز پهچي چڪو هو ۽ ڪيئي ماڻهو اسلام جي حلقه ۾ داخل ٿي چڪا هئا. انهن حضور ﷺ کي مديني ۾ اچڻ ۽ اتي آباد ٿي دين جي دعوت لاءِ ڪم ڪرڻ جو عرض ڪيو هئو. ان ڪري پياري پيغمبر ﷺ پنهنجي ساٿين کي هجرت جو حڪم فرمايو. صحابه ڪرام ان آزمائش ۾ هڪ دفعو وري پاڻ ملهايو. گهر، گهاٽ، واپار ۽ تجارتون، زمين ۽ وطن جي مٽيءَ کي ايمان جي عظمت ۽ نعمت تي نڇاور ڪيو، ڪافرن ڪوششون ڪيون ته هو مڪہ نه ڇڏين- ڪن کان مال ڦريائون، ڪن کي ڌمڪايائون، ڪن کان سندن گهر

واريون روڪيائون، پر ناڪامي سندن مقدر بنجي چڪي هئي- ان حالت ۾ آخري سازش اها ڪيائون ته حضور اڪرمﷺ کي قتل ڪري ڇڏجي. ان سازش کي جنهن رات عملي جامو ڏيڻو هو، ان رات حضور جن، حضرت ابوبڪر سان گڏ مديني پاڪ لاءِ روانا ٿيا. حضرت علي ڪرم الله وجہ کي پاڻ وٽ رکيل امانتن جي واپسيءَ لاءِ مڪہ شريف ۾ ترسايائون.

ڪافرن ۽ مشرڪن جڏهن ڏٺو ته حضور جن نڪري ويا آهن ته پاڳل ٿي ويا. حضور جي قتل تي وڏن وڏن انعامن جو اعلان ڪيائون. هر طرف ڪان نڪري پيا- ڪي جوش انتقام ۾، ڪي انعام جي لالچ ۾، حضور جن”ثور“ جي غار ۾ پناه ورتي. حضرت ابوبڪر صديق ساڻن ساٿ هو. ڪافر پيچو ڪندي، ان غار تائين پهتا- حضرت ابوبڪر صديق پريشان ٿيو ته هاڻي حضورﷺ جن جي جان لاءِ عظيم خطرو آهي، مگر حضور جن مطمئن آهن ۽ حضرت ابوبڪر کي تسلي ڏئي رهيا آهن ته:”لاتحزن ان الله معنا“ (نه گهبراءِ الله اسان سان گڏ آهي) سبحان الله! ڪافر غار جي در تي بيٺا آهن. جان جا دشمن ۽ انتقام جي جوش ۾ پاڳل بڻجي ويا آهن. ظاهر ۾

حفاظت جو ڪو سهارو ڪو نه آهي، پر الله تي ايمان ۽ يقين ايڏو ڪامل آهي، جو ڪا پريشاني ڪانه آهي. پاڻ حضرت ابوبڪر کي اطمينان ڏياري رهيا آهن ۽ ٿيو به ائين جو ڪافرن کي غار ۾ اندر وڃڻ لاءِ انومان ئي ڪو نه ٿيو ۽ اتان ئي واپس وري ويا. ڪن روايتن ۾ آهي ته غار جي منهن تي مڪڙيءَ جو جارو موجود هو، جنهن مان ظاهر هو ته اندر ڪو ئي به نه آهي.

غار ثور کان نڪري هلن ٿا. سراقہ نالي هڪ ماڻهو حضور ﷺ جن کي ڏسي وٺي ٿو. انعام جي لالچ ۾ حضور جي قتل لاءِ گهوڙو ڊوڙائي ٿو- گهوڙو ٺاپو کائي ڪري ٿو ۽ سراقہ به هيٺ اچي پئي ٿو- وري ٻيهر گهوڙو ڊوڙائي ٿو مگرسندس گهوڙو دلدل ۾ ڦاسي پئي ٿو هو حيران ٿي وڃي ٿو ۽ پنهنجو پاڻ حضور ﷺ جن جي حوالي ڪري ٿو. حضور ﷺ جن نه رڳو کيس معاف ڪن ٿا پر کيس چون ٿا ته سراقہ! ان وقت تنهن جو ڇا حال هوندو، جڏهن ڪسريٰ جا ڪنگڻ تنهن جي هٿن ۾ هوندا! يعني ايران جي عظيم سلطنت، جنهن جا عرب به باجگذار هئا، اها فتح ڪئي ويندي ۽ ان جي

شهنشاه، جنهن کي ڪسريٰ جي لقب سان سڏيندا هئا ان جا ڪنگڻ غنيمت جي مال مان توکي ملندا.
ڪنهن کي يقين هو، ته عرب جا بي بس بدو ۽ بي ڪس انسان، جن کي پنهنجي گهرن ۾ پناهه نه ٿي ملي ۽ جي وطن کان بي وطن آهن، اهي دنيا جي ان وقت جي سپر پاور، عظيم سلطنت جا فاتح ٿيندا! پر اها عقل ۾ نه اچڻ واري حقيقت دنيا ڏٺي. ايران جي عظيم شهنشاهيت، اسلام آڏو پرزا پرزا ٿي ۽ مال غنيمت مان اهي ڪنگڻ سراقہ جي هٿن ۾ وڌا ويا. حضرت امير عمر جو زمانو هو. جڏهن مال غنيمت آيو ۽ حضور جي پيشن گوئي کي حقيقت جو روپ مليو، تڏهن خوشيءَ مان سندس اکين ۾ ڳوڙها ڳڙي پيا.
حقيقت اها آهي ته دنياوي اسباب جي اهميت ايمان جي مقابلي ۾ ڪجھ به نه آهي. موت جي منهن ۾ اکين وجهڻ واري قوم ۽ خدا تي يقين رکڻ واري گروه جا قدم ڪير به روڪي نه ٿو سگهي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو:”كم من فئة قليلة غلبت فئة كثيرة باذن الله.“
تيرهن سال مڪہ شريف ۾ مسلمانن عقيدي جي اصلاح، پختگي، عمل صالح، اخلاق جي بلندي، صداقت، امانت

جي اوصاف ۽ آخرت تي يقين محڪم جي جا قوت پيدا
ڪئي ۽ ان رستي ۾ هنن تي جيڪو ظلم،ستم، تشدد ۽
سختيون ٿيون، ان ۾ جنهن اولي العزمي، استقامت، صبر ۽
ثبات جو جيڪو مظاهرو ڪيو، راه خدا ۾ جان ۽ مال جي
قرباني، خاندان ۽ قرابت داري جي رشتي کي ايمان جي
رشتي تي قربان ڪرڻ، وطن عزيز ۽ مال متاع کي
نڇاور ڪرڻ جي خصوصيتن انهن کي ان قابل بڻايو، جو
اجتماعي قيادت ۽ سيادت انهن جي هٿن ۾ اچي- معاشري
جي تعمير انهن بنيادن تي ٿئي، جي وحي الٰهي جي ذريعي
پياري پيغمبر صلى الله عليه وسلم کي ڄاڻايا ويا هئا.
مدني زندگي جي آغاز ۾ ئي حضور جن، مدينه پاڪ ۾
مسجد جو بنياد رکيو، جو مسلمانن جي اجتماعي شيرازه
بندي، عبادت گذاري، ذڪر ۽ فڪر، تعليم و تدريس، ملي
معاملات ۾ باهمي مشوره، بين الاقوامي وفود جي ملاقات
۽ اَهم ديني مسائل ۾ فيصلي لاءِ مرڪز جي حيثيت اختيار
ڪئي. اهڙيءَ ريت اسلامي رياست جو بنياد مديني پاڪ
۾ رکيو ويو. ڏهه سال مدني زندگيءَ جا، حضور صلى الله عليه وسلم جن
مسلمانن جي امت کي دنيا جي قيادت ۽ امامت ڪرڻ جي
تربيت ۾ گذاريا. حضور صلى الله عليه وسلم جن عرب قبيلن جي

صدين پراڻن جهڳڙن کي ختم ڪرايو- هنن جي تعلق جو بنياد نسلي، لساني يا علاقائي جي بجاءِ ايمان ۽ اسلام کي قرار ڏنو.

اهي سڀ لاڳاپا پنهنجي جاءِ تي اهميت رکن ٿا، مگر انسانيت جي وحدت کي جغرافيائي حدبندين ۾ ورهائي نه ٿو سگهجي. حضور جن خاتم النبيين، رحمت للعالمين آهن، ان ڪري سندن تعليمات ۽ پيغام ۾ به اها وسعت ۽ همه گيري آهي.

اسلام ته اها حقيقت ٻڌائي آهي ته پهريون انسان(آدم عليہ السلام) الله جي حڪم سان مٽيءَ مان پيدا ڪيو ويو ۽ سندس اهليه (بي بي حواء)ان جي پاسي مان پيدا ڪئي وئي- باقي تمام انسان ان جو اولاد آهن، جڏهن تخليق آدم کانپوءِ انسان جي پيدائش آهي ته پوءِ هيءُ هڪ ئي خاندان آهي، جنهن دنيا ۾ پکڙجي مختلف رنگ، روپ ۽ زبانون استعمال ڪيون آهن. ان ڪري جو هر انسانيت ۾ وحدت آهي. انسان هڪ خاندان آهي. رنگ، زبان، علاقا سڀ عوارض آهن. اسلام عزت ۽ فضيلت جو بنياد تقويٰ تي رکيو آهي. اسلام انسان جي ارتقاء عمل ۽ حيوان مان نسل انساني جي ملحدانه نظريي کي رد ٿو ڪري.

قرآن جي شهادت حضور اڪرم ﷺ جون حديثون ان باري ۾ واضح آهن.
پاڻ فرمايائون ته”ڪلڪم بنو آدم و آدم من تراب“. اوهان سڀ آدم جي اولاد آهيو ۽ آدم مٽيءَ مان پيدا ڪيو يو آهي.
پاڻ فرمايائون”لافضل لعربي عليٰ عجمي ولا لعجمي علي عربي“ نه عربي کي ڪنهن عجميءَ تي فضيلت آهي نه عجميءَ کي ڪنهن عربيءَ تي.
قرآن پاڪ فرمائي ٿو ته”و جعلنا کم شعوباً و قبائل لتعار فوا ان اکرمکم عندالله اتقاکم“ اوهان کي، اسان ذاتين ۽ قبيلن ۾ بڻايو آهي ته جيئن هڪ ٻئي کي آسانيءَ سان سڃاڻي سگهو. بي شڪ الله وٽ وڏيءَ عزت وارو اوهان مان اهو آهي، جو اوهان مان وڌيڪ پرهيزگار ۽ خدا کان خائف هجي.
حضور جن دين جي دعوت کي دنيا ۾ عام ڪرڻ ۽ فتنہ و فساد کي ختم ڪري، انسان کي انسان جي غلاميءَ کان نجات ڏيارڻ لاءِ جهاد ۽ قتال به فرمايو.
سيرت جو اهو پهلو بيحد اهم آهي، جنهن تي عام طرح توجه گهٽ ڏنو وڃي ٿو.

جنگ بدر، جنگ احد، جنگ احزاب، صلح حديبيه، فتح مڪہ، جنگ تبوڪ ۽ جنگ حنين جا واقعات سيرت پاڪ جا اهي روشن پهلو آهن. جن مان جنگ جي قاعدن، بين الاقوامي معاهدن، اسلامي فوج جي تربيت ۽ طرز جنگ جي اصولن، دشمنن سان سلوڪ ۽ سرحدن جي حفاظت جي اهميت جي ڄاڻ ملي ٿي.

هيءُ عرصو ڏهن سالن تي مشتمل آهي ۽ اها ڳالھ فخر سان چئي سگهجي ٿي ته اسلامي فوجن ان عرصي ۾ عظيم رقبه فتح ڪيو، مگر ان تي جانين جو اتلاف ۽ تباهي گهٽ ۾ گهٽ ٿي. اها فاتحانه پيش قدمي هوس ملڪ گيري لاءِ نه هئي پر انسان کي انسان جي غلاميءَ مان نجات ڏيارڻ خاطر هئي، ان لاءِ تاريخ گواه آهي.

سرور ڪائنات انهن ڏهن سالن ۾ جهانداني ۽ جهانبانيءَ جا اهي سونهري اصول ٻڌايا جن مطابق احترام روي، احترام آدميت، عدل ۽ انصاف جي اعليٰ معيار، ۽ معاشي انصاف عملي شڪل اختيار ڪري ويا.

آخر ۾ آءُ اهو عرض رڪندس ته حضور ﷺ جي سيرت طيبه انهن ماڻهن جي خيالن جي واضح ترديد ڪري ٿي، جي مذهب کي شخصي ۽ انفرادي مسئلو سمجهن ٿا ۽

اجتماعي ۽ رياست جي معاملات ۾ دخل اندازيءَ کي دنيا داري تصور ڪن ٿا. اهڙيءَ ريت دين ۽ سياست جي تفريق کي رواج ڏين ٿا.

هاڻي اچو ته ڏسون ته حضور جن اجتماعي معاملات کي پنهنجي دور ۾ ڪيئن حل ڪري قيامت تائين امت مسلمه لاءِ ”اسوة حسنة“ جو مثال قائم ڪيو آهي.

يهودين سان معاهدا

حضور جن جي هجرت کان پوءِ به ڪافرن ۽ مشرڪن کي اها لوچ لڳي پئي هئي ته مسلمانن جي ان مختصر قوت کي ڪچلائجي ۽ انهن جو مديني شريف تائين پيڇو ڪجي. ان خطري کي محسوس ڪندي حضور جن مديني پاڪ جي آسپاس آباد يهودين سان جن جا چئني طرف ڳوٺ ۽ شهر هئا، اسلام جي پيغام سان گڏوگڏ انهن سان سياسي ۽ دفاعي معاهدن جي ڪوشش فرمائي ته جيڪڏهن مڪي جي مشرڪن طرفان حملو ٿئي ته يهودين جي قوت يا ته مسلمانن جي حق ۾ استعمال ٿئي يا غير جانبدار رکي وڃي. حضور جن انهيءَ معاملي کي قبل از وقت طيءَ ڪرڻ لاءِ ڪن قبيلن سان اهو معاهدو ڪيو ته مسلمانن ۽ مشرڪن جي جنگ ۾ هو غير جانبدار

رهندا ۽ ڪن سان اهو طئي ٿيو ته هو مسلمانن جو ساٿ ڏيندا.

صلح حديبيه

غزوه بدر، غزوه احد، غزوه بني قينقاع، غزوه احزاب کانپوءِ حضور ﷺ جن هڪ اهم معاهدو حديبيه جي مقام تي مشرڪن سان به فرمايو جنهن جو تفصيل سان ذڪر تاريخ ۽ سيرت جي ڪتابن، بلڪه قرآن پاڪ ۾ به ان معاهده کي فتح مبين جي حيثيت سان پيش ڪيو ويو آهي.

اهڙيءَ ريت حالات ۽ وقت جي تقاضائن تحت ملي ۽ قومي معاملات ۾ اهم معاهدات فرمايا، جن مان ظاهر آهي ته بين الاقوامي تعلقات ۽ رياست جي بين المملڪتي مسائل حضور جي سيرت جو اهم حصو آهن، جنهن مان امة مسلمه کي روشني ملي ٿي، ساڳي وقت صلح ۽ جنگ جي بي شمار موقعن تي قرآن پاڪ رهنمائي فرمائي ٿو- ”ديني رياست جي قيام، ان جي دفاع ۽ مظلوم ۽ مقهور مسلمانن جي آزادي ۽ ديني تحفظ لاءِ جهاد“ قتال جي حڪمن ۽ واقعات سان سيرت پاڪ جا ڪتاب پريا پيا آهن.

معاشي نظام ۽ معاشرتي اصلاح، اخلاقي نظم و ضبط ۽ سياسي تنظيم سيرت طيبه جا اهي روشن مثال آهن، جن جي روشنيءَ کان سواءِ انسان ذات گمراهيءَ جي اوندهه ۾ پٽڪندي رهندي.

اڄ ضرورت ان ڳالهه جي آهي. ته حضور اڪرمﷺ جي سيرت پاڪ جي انهن پهلوئن کي اجاگر ڪيو وڃي، جن مان مسلمانن جي انفرادي ۽ اجتماعي زندگي جي اها جهلڪ نظر اچي، جنهن 14 صديون اڳ دنيا کي پنهنجي پاڪيزه معاشري جي قيام لاءِ امن ڏنو، راحت ڏني. انسان کي پنهنجي رب جي معرفت ڏني. ظلم ۽ شر کان بچايو، فساد في الارض کي ختم ڪيو.

مسلمانو! اچو ته عهد ڪريون ته اسان جي زندگيءَ جو مقصد، حضور اڪرمﷺ جي اقوال مبارڪ ۽ اعمال متبرڪ تي عمل ڪرڻ ۽ ان مطابق نجي ۽ اجتماعي زندگي جي تعمير آهي. عبادت هجي يا رياضت، معيشت هجي يا معاشرت، اخلاق هجي يا روحانيت، جهاد في سبيل الله هجي يا قتال، امن هجي يا جنگ، فرد هجي يا رياست، اسان کي قدم اوڏانهن وڌائڻا آهن، جيڏانهن پاڻ سڳورن وڌايا. پوءِ يقيناً اسان جي خامين ۽ ڪوتاهين کي

قدرت دور ڪندي ۽ امت مسلمه وري هڪ دفعو انسانيت کي هڪ پاڪيزه معاشري جي صورت ۾ دنيا ۾ خوشحالي ۽ آخرت جي ڪاميابيءَ سان نوازيندي!
ربنا تقبل منانک انت العزيزالحڪيم

*

مسلمانو! ڪيتريون ڳالهيون کوٽي کوٽي نه پڇندا ڪريو، جو اهي جيڪڏهن اوهان تي ظاهر ڪيون وڃن ته اوهان کي ڏايون ڏکيون لڳن.(القرآن)